رياض ڪلهوڙو
ليڪچرر
گورنمينٽ آئي. بي. اي. ڪاليج، لاڙڪاڻو

# سراج ميمڻ جي ناولن جو تنقيدي جائزو

# Critical Study of Novels Written by Siraj Memon

*Abstract:*

*Sirajmemon is veteran scholar, researcher and fictionwriter. He is well known by his novels in sindhi literature.*
*He has interpreted Sindh and Sindhi society in his novels. After reviewing his novels, it is concluded that he loves Sindh. He wants to bring reform in Sindh and to create awareness in the Sindhi people. Siraj always wanted to end the old and oppressive system in Sindh. As a humble person he always seeks to bring a new system, create a trend of development in people and give them the message of sacrifice and welfare for their homeland, especially Sindh. Siraj also criticizes the very character of some people in Sindh, which abuses and tortures its farmers and men, and takes everything of the farmers and force them to move to the cities, leaving and losing everything behind. He keeps his eyes shut and engage in the flight of imagination. The context of Sindh's history is described in Siraj's novels.*
*Siraj studied the history of Sindh deeply and wrote these novels. In these novels, the images of the real history of Sindh are included. Especially, the stories of the atrocities of the Arghun-Tarkhan period, which they committed against Sindhis. After reading Siraj's novels, the reader will come to the opinion that, in his novels, Siraj tells the story of atrocities against Sindh in a clear way, revealing the hidden aspects of the history of Sindh and making the history of Sindh straight. Siraj Memon is a true and honest historian of Sindh.*

’ناول‘ ادب جي هڪ نثري صنف آهي، هي اصل ۾ اطالوي ٻوليءَ جو لفظ آهي، جتان انگريزي ادب ۾ آيو ۽ انگريزي ادب وسيلي سنڌي ادب ۾ اڄ کان ٻه سو سال اڳ مروج ٿيو. ناول جي لفظي معنيٰ آهي: ’انوکو نرالو ۽ عجيب‘. ۽ اصطلاحي معنيٰ ۾: ’اهڙو



قصو يا ڪهاڻي، جنهن جو لڳ لاڳاپو ۽ موضوع انسان جي عملي زندگيءَ سان هجي‘.“افسانوي ادب ۾ ناول کي تيستائين ناول چئي نه سگهبو جيستائين اهو نثر ۾ لکيل نه آهي. ناول ۾ حقيقي زندگيءَ جي نقش جون ڳالهيون هونديون آهن يا انهن جهڙيون لڳ ڀڳ ٻيون ڳالهيون هونديون آهن. ناول ۾ سڀني ڳالهين جو تعلق پلاٽ سان ضرور هوندو آهي، جيڪو ناول نگار جي ذهن جي پيداوار هوندو آهي“. (پناڻ، 1982: 32)

ناول نگار انسان جي زندگيءَ جي مختلف پهلوئن جو مشاهدو ڪري،ڪهاڻي ترتيب ڏيندو آهي. سنڌي ادب ۾ ناول ورهاڱي کان اڳ واري دور ۾ چڱي تعداد ۾ لکيو ويو آهي، پر ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ادب ۾ ناول تي تمام گهٽ طبع آزمائي ٿي آهي، انهيءَ پوري عرصي ۾ ڪي چند ليکڪ ئي ملن ٿا، جن ناول تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جن ۾ سراج الحق ميمڻ سر فهرست آهي.

سراج الحق ميمڻ ناول نويسيءَ جي ميدان ۾ اهڙو نالو آهي، جنهن سنڌ جي سياسي ۽ سماجي پس منظر ۾ ناول رچيا آهن. سندس ناولن متعلق ڊاڪٽر نور افروز خواجه لکي ٿي: ”سراج الحق ميمڻ سنڌي ۾ جيڪي به ناول لکيا آهن، اهي گهڻي مقبوليت حاصل ڪري چڪا آهن“.(خواجه، 2010: 241.)

سراج الحق ميمڻ جي ناولن ۾ سماج کي بدلائڻ جو پيغام آهي. سندس ناول هڪ منفرد ۽ دلچسپ پيرائي ۾ لکيل آهن، جنهن ڪري هر ننڍو توڙي وڏو هُن جا ناول وڏي چاهه سان پڙهي ٿو. سراج جي ناولن ۾ هڪ نئون اسلوب سمايل آهي، جيڪو قومي رنگ ۾ رڱيل آهي.

سراج الحق ميمڻ پنهنجن ناولن ۾ اهڙا ڪردار ڪڍي ٿو جيڪي هِن ئي سماج جا آهن، جن کي هُن سنڌي سماج جي مزاج موافق بيان ڪيو آهي. سندس ناولن ۾ حب الوطني ۽ قوم پرستيءَ وارا جذبا نمايا ۽ اهم آهن. سنڌي ادب ۾ سراج جا ناول نه رڳو ناول جون فني گهرجون پوريون ڪن ٿا، پر انگ جي لحاظ کان پڻ هُن پنج ناول لکيا آهن. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌي ادب ۾ هڪ سٺي ناول نگار طور ڄاتو سڃاتو وڃي ٿو.ان سلسلي ۾ ڊاڪٽر بدر اڄڻ لکي ٿو ته:

"سراج ميمڻ موجوده دور جي يگانن نثر نويسن مان هڪ آهي. ڪيس لسانيات جي ڄاڻن مان ڄاتو وڃي ٿو. جيتوڻيڪ هن جي ڄاڻ سڃاڻ ناول نويس جي آهي".(اُڄڻ، 1999: 482)

سندس ناول قومي جاڳرتا جي ميدان ۾ نهايت اهم مقام رکن ٿا. نہ فقط ايترو پر هن جا ناول سنڌ جي سياسي تاريخ جا ڪوڙ سارا لڪل پهلو اجاگر ڪن ٿا. هيٺ سراج الحق ميمڻ جي ناولن جو تحقيقي ۽ تنقيدي جائزو پيش ڪجي ٿو.

### 1. پڙاڏو سوئي سڏ:

سنڌ جي تاريخ ڏاڍي دردناڪ آهي، هر دور ۾ سنڌ درد ۽ سور سـَـٺا آهن. هر دور ۾ سنڌ ڏارين جي عتاب هيٺ رهي آهي، اهڙن ئي لوڻ ۽ ڪانڊاريندڙ دور مان ارغون ۽ ترخان دور بہ هڪ آهي.ارغونن سنڌ تي ڪئين هَلائون ڪيون. ڪيئي ڪيس ٿيا، سنڌ جي سورهين ڪيئن ساڻن جنگ جوتي، انهيءَ جنگ ۾ جيڪي واقعا پيش آيا، يا سنڌين وڙهڻ جي جيڪا حڪمت عملي اختيار ڪئي ۽ ساڻن ڪيئن مهاڏو اٽڪايو تنهن بابت سنڌ جي تاريخ گهڻو ڪري خاموش ۽ گونگي آهي.هن ناول جي مهاڳ ۾ جمال ابڙي لکيو آهي تہ:

"سراج انهن سڀني مسئلن کي، ننڍي ناول دوران سلجهائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس سمجهو ۽ دور رس نگاهہ ماضي، حال ۽ مستقبل کي يڪجاءِ ڪري تاريخي پس منظر ۾، حقائق کي بي نقاب ڪيو آهي". (آخوند، 1992: 177)

ناول 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۾ سراج الحق جيڪو پلاٽ رِٿيو آهي، سو ارغونن ۽ ترخانن جي دور تي مبني آهي. 1970ع ۾ نيو فيلڊس پاران ڇپائي پڌرو ڪيل، هن ناول تمام گهڻي مقبوليت ماڻي. ايستائين جو هٿئون هٿ وڪامجي ويو ۽ ترت انهيءَ جو ٻيو ڇاپو ڇپايو ويو.

ناول نگار هن ناول ۾ جهڙيءَ طرح ڪردار نگاري، واقعن، منظر نگاري، مڪالمن ۽ ٻوليءَ جو موهيندڙ سٽاءُ سِٽيو آهي، تنهن کي داد ڏيڻ کان رهي نہ ٿو سگهجي.ناول نگار هـِن ناول ۾ ويهن کان مٿي ڪردار ڏنا آهن. هر هڪ ڪردار ٻئي ڪردار سان جڙيل آهي. ڪو بہ ڪردار الڳ ٿلڳ ڪونهي ۽ ليڪ انهن ڪردارن کي اهڙي طرح اُڻيو آهي، جو اهي هڪٻئي جو اَٽوٽ حصو محسوس ٿين ٿا.سراج الحق هـِن ناول ۾، ڪردارن کان جيڪو ڪم ورتو ويو آهي، اهو نہ صرف ناول کي



جاندار بڻائي ٿو پر ڪردارن ۾ جذبي ۽ احساس جي جان پري، انهن کي زنده ۽ جاويد بڻائي ڇڏي ٿو. سراج جي ٻولي، اظهار، بيان ۽ طرز تحرير بابت ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ:

"سراج الحق جي هن ناول ۾، انهن خوبين بيان ڪرڻ کان پوءِ سندس اسلوب بيان ۽ طرز تحرير جي خوبين کي بہ نظر انداز نہ ٿو ڪري سگهجي. سندس ناول ۾ ٻولي نهايت ئي وزندار ۽ اصطلاحن ۽ پهاڪن سان ڀريل آهي".(خواجہ، 2010: 345)

هن ناول ۾ ترخان دور جي مرزا باقي جي زماني جو ماحول ڏنو ويو آهي. مرزا باقي ڪيترن ئي بي گناهہ سنڌين کي قتل ڪرايو. ڪيترائي ماڻهو هاٿي جي پيرن هيٺان لتاڙائي مارايا، ڪيترين ئي عورتن سان ظلم ڪيا. سراج ترخان دور کي نظر ۾ رکي، جيڪي ڪردار ڏنا آهن،انهن ۾ سوڍل جو ننڍو ڀاءُ سنگهار، گهران ڪاوڙجي ڏاڙيلن سان جبلن ۾ اَٺ سال گڏ گذاري ٿو ۽ رولاڪيون ڪري ٿو. بعد ۾ هو هڪ قبيلي جي ٻانهن ڪٽي ٿو. ان ۾ ٻيو هڪ ڪردار "روپو" آهي، جيڪو پٽلي تماشو ڪندو هو ۽ هو ترخانن جي هٿان مارايو ويو. ان کان علاوه آخوند نور محمد هڪ عالم جي ڪردار ۾ اچي ٿو. جنهن وٽ سياسي ميڙاڪا ٿين ٿا ۽ آخوند مغلن جي سنڌ تي ڪاهہ جو حامي هيو. پر هڪ ٻيو ڪردار دادن مخالف هو. سندس دليل اهو هو تہ مغل ارغونن ۽ ترخانن کان بہ وڌيڪ ظالم ثابت ٿيندا. انهن کان علاوه هن ناول ۾ مجاهد خان، عمرعبدالله، آخوند صالح، پاڳل، ليلا، زيبا، امير خان، سليمان ۽ حاجي بابا جا ڪردار بہ آهن، جن کان ناول جي ماحول آڏار ڪم ورتو ويو آهي.

ناول ۾ جيڪا منظر نگاري ڪئي وئي آهي، سا بہ پنهنجو مٽ پاڻ آهي. وقت، جاءِ، زمان ۽ مڪان جو ايترو تہ خيال رکيو ويو آهي، جو منظر ڊرامي وارو ڏيک ڏين ٿا. شادي مرادي جو ڏيک هجي يا ارغونن، ترخانن ۽ سنڌين جي وچ ۾ معرڪي جو ڏيک هجي، يا ڪٽي پوڙهي وريام کي ڦاسي ڏيڻ وارو منظر هجي يا سنگهار جو پاڳل سان ملڻ، وري پونگر سمي سان ملاقات ۽ وري پاڳل کي پڃائي ڪٽي وجھڻ وارو منظر. مطلب تہ ناول نگار ڪمال ڪيو آهيھُن اظهار ۾ اهڙي پـُراثريت ڀري آهي، جو منظر پڙهندي اکين آڏو پيوڦِري.

سراج ميمڻ جو ناولن ۾ اسلوب بيان نرالو ۽ رس ڀريو آهي. وٽس لفظن جو ڀنڊار بہ آهي تہ ڪهاڻيءَ کي بيان ڪرڻ جو انوکو انداز بہ آهي. سندس تحرير ۾ رواني بہ آهي

تہ رس ۾ رچاءُ بہ آهي. پڙهڻ سان ڪڏهن بہ بيزاريءَ جو احساس نہ ٿو ٿئي. اسلوب بيان ايترو تہ پُر اثر ۽ دلچسپ آهي، جو ناول پڙهڻ شروع ڪجي تہ اڌ ۾ ڇڏڻ تي دل نہ چوندي.

مجموعي طور 'پڙاڏو سوئي سڏ' ۾ جتي ڪوڙ ساريون خوبيون ۽ خصلتون آهن، تہ اتي ڪجھ اوڻايون ۽ جهول بہ اٿس. ڪڏهن ڪڏهن بيان ۾ ايترو جذباتي ٿي ٿو وڃي، جو ڪردارن کان مافوق الفطرت ڪم بہ پيو ڪرائي. هروڀرو وڏاءَ سان ڪردارن کي ايترو بهادر پيو ڏيکاري، جو عام زندگيءَ ۾ ممڪن ئي ڪونهي. ڪٿي ڪٿي وري ڪردارن کي اهڙو بزدل پيو ڏيکاري، جو ان وقت جي جابرن ۽ ظالمن ۾ اهڙي بزدلي ممڪن ئي ڪونهي. سليمان بابت صفحي 42 تي لکيو اٿائين تہ: "...۽ پوءِ ترڪ ڳيروءِ ڏانهن منهن ڪري چيائين..." وري صفحي 46 تي لکيو اٿس تہ: "سليمان پربت جيڏو جنازو هو. سندس اکين ۾ رحم ۽ انسانيت جو نالو نشان بہ نہ هو. هو جهنگلي سانَ جيان نڪ مان ڦونگار ڪيندو رهيو". ٻنهي ڳالهين ۾ تضاد آهي. وري صفحي 54 تي لکيو اٿائين تہ: "هو سرخي تي سوار ٿي ٻاجهرين مان پئي لنگهيو تہ ڪانياٽيءَ جو ڳوڙهو اچي ڪياڙيءَ ۾ کُتس. مڙس ڏک تہ پچائي ويو پر ڪانياٽيءَ واري جي ڳولا ۾ نڪري پيو." هڪ تہ ڳوڙهو يعني گليلو ڪپندو ناهي پر لڳندو آهي. ڪپندي اها شيءِ آهي، جنهن کي نوڪ هجي يا تيز ڌار هجي. ٻيو تہ ڪانياٽي جو ڳوڙهو ايترو پري ناهي ويندو، جو ڳوڙهو هڻڻ واري ماڻهوءَ کي ڳوڙهو لڳل ماڻهو گهوڙي تي ڳولي. ساڳئي صفحي نمبر 54 تي وڌيڪ لکيو اٿائين تہ: "ٿورو ئي پوئتي موٽيو تہ پيهي تي بيٺل پاڳل کي ڏٺائين. ڪانياٽي هٿ ۾ هئس، نئڙي ٻيو ڳوڙهو ئي ڪنيائين تہ هن بہ گهوڙو آٽي پيهي جي پير ۾ جهليو". يعني پاڳل ڪانئس ايترو پري هئي، جو هڪڙو ڳوڙهو اچلڻ کان پوءِ ٻيو ڳوڙهو ڪنيائين مس تہ سنگهار وڃي سندس پير ۾ بيٺو...!
مطلب تہ ناول ۾ ڪٿي ڪٿي حد کان وڌيڪ وڏاءُ بہ ملي ٿو.

**2. مرڻ مون سين آءُ:**

هي ناول 1988ع ۾ شايع ٿيو. هي ناول دراصل سنڌ تي ارغونن جي هلان ۽ سنڌ ۾ ظلم ۽ بربريت تي مشتمل هڪ داستان آهي، جيڪو سورن ۽ ڏاررين جي ڏاڍاين جو دستاويز آهي.



هن ناول جي ڪردار نگاري پڻ پهرين ناول "پڙاڏو سوئي سڏ (1970)" وانگر آهي. هن ۾ اهي ئي ڪردار آهن، جيڪي "پڙاڏو سوئي سڏ" ۾ آيل آهن. يعني سوڍل، سنگهار ۽ دادن جو پاڻتيو جنهن کي سانول سڏيندا هئا، پر هن ناول ۾ ڪيس سانوڻ جي نالي سان آندو ويو آهي. هي ناول بنيادي طرح ٻن حصن ۾ ورهايل آهي، هڪ حصي ۾ سانوڻ جي سنڌ ۽ سنڌين سان محبت ڏيکاريل آهي. هو جڏهن ڏاڙا هٽي ٿو يا ڪو بہ ڪم ڪار ڪري ٿو تہ اهو سڀ سنڌ ڌرتيءَ لاءِ ڪري ٿو.

منظر نگاريءَ ۾ بہ جيڪا ڏک ۽ درد ۽ ارغونن جي ظلمن جي منظر نگاري ڪئي وئي آهي، تنهن هن ناول کي موهيندڙ ۽ متاثر ڪندڙ بڻائي ڇڏيو آهي. اسلوب بيان جي لحاظ کان بہ هن ناول ۾ پهرين ناول جهڙي هڪ جهڙائي آهي. انهيءَ جو ڪارڻ منهنجي خيال ۾ اهو آهي تہ: "هن ناول کي "پڙاڏو سوئي سڏ" جو ٻيو حصو سمجهڻ گهرجي.

"مرڻ مون سين آءُ" ۾ سنڌي ماڻهن سان ٿيندڙ ويڌن، ڌارين جي حملن، لساني جهيڙن وغيره جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هي ناول سنڌي ناولن جي تاريخ ۾ هڪ بهترين ناول آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي مٽيءَ سان محبت، سنڌ تي ڌارين جي حملن، لساني جهيڙن ۽ سنڌ جي تاريخ جي عڪاسي ٿيل آهي. هن ناول ۾ جيڪو ماحول بيان ٿيل آهي، ان متعلق ڊاڪٽر نور افروز خواجہ لکي ٿي تہ:

"سراج جي هن ناول ۾ سنڌي معاشري جي عڪاسي پيش ڪيل آهي. هن ناول ۾ سنڌي نياڻين جي حق بخشائڻ ۽ ننڍي عمر جي شادي وغيره جهڙن موضوعن کي بہ نهايت سهڻي نموني پيش ڪيو آهي. سندس هن ناول جو اهم ڪردار "انور" آهي. جيڪو دولتمند بہ آهي زميندار جو اولاد بہ آهي. پر هو معاشري ۾ وڏا وڏا اصلاحي ڪم ڪري ٿو. هن وٽ جيڪا بہ دولت آهي اها غريبن ۽ مسڪينن جي مدد ڪري ورهائي ٿو. هو زميندارن ۽ وڏيرن واريون عياشيون نہ ٿو ڪري. هو سادو ۽ نيڪ شخص آهي. هو هڪ مجبور عورت سان شادي ڪري ٿو ۽ هن معاشري ۾ عزت جو مقام ڏياري ٿو. سراج پنهنجي هن ڪردار کي مثالي ڪردار طور پيش ڪيو آهي".(ملاح، 2012: 242)

**3. پياسي ڌرتي رمندا بادل:**

هي ناول پڻ نيو فيلڊس طرفان ڇپايل آهي. ناول بنيادي طرح ٽن حصن تي مشتمل آهي، ان جو پهريون حصو ”منهنجي دنيا هيڪل وياڪل“، ٻيو حصو ”تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول“ ۽ ٽيون حصو ”منهنجي دنيا مرگھه ترشنا“آهي، جن مان هرهڪ تي هيٺ بحث ڪجي ٿو.

### 3.1 منهنجي دنيا هيڪل وياڪل:

هي ناول 1988ع ۾ ڇپيو. هن ناول ۾ ڪردار نگاري توڙي منظر نگاري ۽ اسلوب بيان ۾ سراج الحق ميمڻ پنهنجو پهريون معيار برقرار رکندي، هوبهو ساڳيو انداز اختيار ڪيو آهي.

منهنجي دنيا هيڪل وياڪل جو اهم ڪردار ”نورل“ آهي، جيڪو پورهيت ماڻهو آهي. هو پورهيو ڪري ٿو پر ان جو ڦل وڏيرو ڦريو ۽ ڦٻايو وينو آهي. تنهن ڪان سواءِ انهيءَ مسڪين جي عزت به محفوظ نه آهي. ناول جي هيروئن ”مهرو“ آهي، جيڪا هڪ خوبصورت ڇوڪري آهي. هن ناول لاءِ مختيار ملاح پنهنجي ڪتاب ۾ فيض جوڻيجي جي راءِ ڪوٽ ڪئي آهي، هو لکي ٿو ته:

”هن ناول ۾ ناول نگار، جنهن سماجي مسئلي کي کنيو آهي، ان ۾ پورهيت ڪان سندس پورهيو ته وڏيرو ڦري ٿو وڃي، پر هن مسڪين جي عزت به محفوظ نه آهي. جيڪڏهن هو پنهنجي نياڻين کي ظلم کان بچائڻ جو ڪوشش ڪري ٿو ته هي ظالم هن ڪان اها عزت به ڦري ٿا وڃن.، پر وچ ۾ ڪا رڪاوٽ اچي ٿي ته هو ان جو سر به ڪپي ٿا وڃن. مطلب ته هن سماج ۾ ماڻهن جي سر جي قيمت سستي آهي ۽ لوفر لفنگي جو مان مٿانهون آهي. پوليس به انهن جو پاسو آهي. اهو مسئلو هن ناول جو مکيه موضوع آهي“. (ميمڻ، 2012: 15)

هي ناول معاشري جي موجوده حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو جنهن ۾ سنڌ جي وڏيرن جي عياشين تي ۽ سنڌي قوم جي حالت تي لکيو ويو آهي. هن ناول ۾ جڏهن نورل پنهنجي پيڻ جي سڱين جو جوڙو خريد ڪري ٿو ۽ هاري ڪمدار جي لانڍيءَ اڳيان ويٺو تقرير ڪندڙ جون ڳالهيون ٻڌي ڄمي وڃي ٿو پر هو اهي ڳالهيون ٻڌي ڪنهن به نتيجي تي نه ٿو پهچي. سراج ان ڪردار يعني نورل ذريعي، جيڪو وڏيرڪي سماج جوحامي آهي، اُن جو هِن ناول ۾ تت پيش ڪيو آهي. سراج ان ڪردار واتان هن نموني ماحول بيان ڪري ٿو ته:



”وڏيرا سڀجي ڄمار کک پيچي پيٽو کو نه کن ٿا. تڏهن به پرائي مال تي ٽوپي نراڙ تي، ٻنئي وقت کر تي ايئن ايندا آهن ڄڻ ته سمورو ان رڳو هنن جو هجي. هاري ته هرويرو نڪ جي پڪائي ڪري ڏاڍائي ڪري پيا پنهنجو حصو گهرن. ٽڪي جا ڪمدار ڪاراوا، هارين تي حڪم پيا هلائين ڄڻ ته هاري ۽ ناري هنن جا زرخريد غلام هجن. پورهيو ڪري هنن جا ڪنڌ ڪٻا ٿيو وڃن تڏهن به آڪڙ هنن تي. وڏيرو اهي ئي پلي وهٽ تي سواري ڪري بوسڪيءَ جا وڳا پائي سونا بٽڻ هڻائي، اوطاقن تي ڪنجريون نچائي، ست رڇيون ڪائي چار چار شاديون ڪري ويهه ويهه سريتيون رکي شڪار شوق ڪري، رڇن تي ڪتن جون ٻڇون ڪرائي! آخر ڇو؟ پورهيو ڪن هڪڙا، ڪائن پهرين پيا، اهو ڪٿان جو انصاف آهي؟ اهو ظلم آخر ڪيستائين هلندو؟ ته جيڪو لنڊيون لتاڙي، ڍنگهر جهڙي حياتي گهاري، پورهيو ڪري، سو سدائين سورن ۾، ٻه ويلا جوئر جي رکي ماني به نه کائي سگهي. پنهنجن ٻچن، ننگن کي سال ۾ هڪڙو وڳو به نه ڏئي سگهي، بيمار ٿئي ته دوا دارون لاءِ هن وٽ پائي به نه هجيس. پنهنجي نياڻي يا پٽ پرڻائي ته اهڙو قرضي ٿئي جو سندس قرض پيڙهيون به لاهي نه سگهن“.(خواجه، 2010: 344)

سراج جو ناول ”منهنجي دنيا هيڪل ويا ڪل“ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ ڳوناٺي ماحول کي مرڪز بڻايو ويو آهي. هن ناول جا هيرو نوجوان آهن، جيڪي ڏاڍ ۽ جبر خلاف آواز اٿارين ٿا.

### 3.2 تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول:

هي ناول 1989ع ۾ نيو فيلڊس حيدرآباد پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. ناول جي ٽائيٽل تي ئي مٿان ”پياسي ڌرتي رمندا بادل“ عنوان ڏئي، ان جي هيٺان ”تنهنجي دنيا سپ رنگ سانول“ عنوان ڏنو ويو آهي. يعني هي ناول ”پياسي ڌرتي رمندا بادل“ جو ٻيو حصو آهي. هي ناول شهري پس منظر ۾ لکيل آهي. انور ۽ مهرو هن ناول جا مکيه ڪردار آهن. پر اهي ڪردار شهري ماحول جي پس منظر جي عڪاسي ڪندي اڳتي وڌن ٿا. ناول جو مکيه پيغام سنڌ جي ٻرندڙ مسئلن کي اجاگر ڪرڻ آهي. ناول ۾ هڪ ڪردار پروفيسر رشيد جو آهي، جيڪو پڻ هن معاملي ۾ اڳي ڪان اڳرو آهي. هن ناول جي ٻي اهم ڳالهه اها آهي ته، ان ۾ رومانوي عنصر به شامل ڪيو ويو آهي. نه رڳو ايترو پر اُهو رومانوي عنصر ان ۾ گهڻو غالب پڻ نظر اچي ٿو. سراج الحق ميمڻ جيڪي به

ناول لکيا آهن. انهن مان ”تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول“ تمام گهڻي مقبوليت حاصل ڪئي آهي. هن ناول ۾ سراج ڪردار نگاريءَ تي تمام گهڻو ڌيان ڏنو آهي. ان سان گڏوگڏ منظر نگاري پڻ انتهائي شاندار اٿس. ”تنهنجي دنيا سڀ رنگ سانول“ هڪ اهڙو ناول آهي، جنهن ۾ ناول جا سڀ لوازمات شامل آهن.

هي ناول دولت مند طبقي، ذميندارن ۽ سيٺن جي ظلمن تي مبني آهي، جيڪي غريب عوام کي پيڙهيندا رهيا آهن. هن ناول ۾ دولت مند طبقي جي نفسيات ۽ سيٺين، ذميندارن جي ڦرلٽ کي وائکو ڪيو ويو آهي. سندس بيان کي وڏي طاقت آهي. اهو طاقتور هجڻ سان گڏوگڏ سادو پڻ آهي.

**3.3 منهنجي دنيا مرگهه ترشنا:**

هي ناول ”پياسي ڌرتي رمندا بادل“ جو ٽيون ۽ آخري حصو آهي، جيڪو 1990ع ۾ نيو فيلڊس حيدرآباد پاران ڇپجي پڌرو ٿيو. هن ناول کي جيڪڏهن تنقيدي نڪته نگاهه کان پڙهجي ٿو ته اها ئي راءِ قائم ڪري سگهجي ٿي ته هي ناول سنڌ جي شهري ماحول جي پسمنظر ۾ لکيل آهي. منجهس سنڌ جون موجوده حالتون بيان ڪري سنڌ جي وڏيرن ۽ عياش طبع ڦورن جي فضول خرچن کي موضوع بڻائي پيش ڪيو ويو آهي. ناول ۾ ڏيکاريو ويو آهي ته، سنڌ جو عياش ۽ ڦورو وڏيرو ڪيئن نه سنڌ جي ابوجهه ماڻهن کي لُٽي ۽ ڦُري ٿو ۽ پنهنجن ابوجهه ماڻهن جو لُٽيل ۽ ڦُريل پيسو ڪيئن اچي شهر ۾ وڃائي ٿو.

”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ ۾ سنڌي سماج جي اقتصادي حالتن جو جائزو پيش ڪيو ويو آهي. گڏوگڏ سياسي حالتن کي به بيان ڪيو ويو آهي. ناول ۾ سنڌ جي آئيندي جا خواب پڻ ڏيکاريا ويا آهن. ”منهنجي دنيا مرگهه ترشنا“ سراج جو هڪ اهم ناول آهي. هن ناول ۾ سنڌ جي موجوده دور جي حالتن جو بيان تمام سهڻي نموني ٿيل آهي. حقيقت ۾ هي ناول سنڌي سماج جي، معاشي ۽ اقتصادي حالتن جو عڪس پيش ڪري ٿو.

سراج جو هيءُ ناول سنڌ جي مستقبل جي آگاهي به آڇي ٿو. هن ناول ۾ تعليم تي پڻ ڳالهايو ويو آهي، ڇو ته تعليم ئي قومن جي تقدير جو فيصلو ڪندي آهي. هن ناول متعلق خود سراج ميمڻ لکيو آهي ته: ”سڀ کان وڏي سازش اسان جي خلاف تعليم جي ميدان ۾ ٿي آهي. اسان کان اسان جي زبان کسي هڪ اهڙي زبان مڙهي وئي آهي،



جنهن جو اسان جي تهذيب اسان جي سياءَ،اسان جي سوچ، اسان جي تاريخ، اسان جي ماڻهپي سان ڪو پري پري جو لاڳاپو ڪونهي. ويچارا بنگالي ان سازش کي اٿندي ئي سهي ڪري ويا ۽ پنهنجا ڪونڌر مارائي گهٽ ۾ گهٽ اڌ ميدان ۾ پاڻ بچائي ويا. اسان جي ٻارن کي اهڙي تعليم ڏني پئي وڃي، جيڪا انهن کان پنهنجي سڃاڻپ وسرائي رهي آهي. اها تعليم به اهڙي ٻوليءَ ۾ ڏني پئي وڃي، جيڪا سوچڻ جي سرچشمن کي آفيم وانگر ڳهرائي، ماٺو ڪري هميشه لاءِ سمهاري ڇڏيندي. اهڙي ريت هن ناول ۾ سراج صاحب نوجوانن کي علم سان چاهه پيدا ڪرڻ جا مشورا ڏنا آهن ۽ اها هدايت پڻ ڪئي آهي ته، اهي ئي نوجوان مستقبل جا رهنما ۽ رهبر هوندا آهن“.
(ميمڻ، 221:1990)

ٽنهي ناولن کي ملائي ”پياسي ڌرتي رمندا بادل“ نالي سان هڪ ئي ڪتاب ۾ ڇپايو ويو. ”پياسي ڌرتي رمندا بادل“ ۾ نياڻن جي تعليم تي قلم کنيل آهي. اسان وٽ خاص ڪري نياڻن جي تعليم تي گهٽ ڌيان ڏنو ويندو آهي. هن ناول ۾ نياڻن جي تعليم کان علاوه عورتن سان ٿيندڙ ٻين عقوبتن جي پڻ نشاندهي ڪئي وئي آهي.سنڌي ماڻهن جي فطرت، تهذيب، تمدن، ريتن، رسمن، وڏيرن ۽ ذميدارن جي هٿ ٺوڪين قائدن کي وائکو ڪيو اٿس. هن ناول ۾ سنڌين جي ساڙ واري روش کي به ڪردارن جي صورت ۾ بيان ڪيو اٿس. هن ناول ۾ نياڻين جو حق بخشائڻ، ڪارو ڪاري ۽ ٻين اهڙين روايتن کي بيان ڪيو ويو آهي.

مجموعي طرح سراج جا پنج ئي ناول انتهائي اهم آهن. جن ۾ وڏو سبق سمايل آهي. سنڌي سماج جي حقيقي نموني عڪاسي ٿيل آهي. سندس ناولن جو جائزو وٺڻ کان پوءِ اهو معلوم ٿئي ٿو ته، ان کي سنڌ سان پيار آهي. هو سنڌ ۾ جديد اصلاحي رجحان آڻڻ چاهي ٿو ۽ هُو سنڌي ماڻهن ۾ شعور پيدا ڪرڻ چاهي ٿو. سراج هميشه پراڻي فرسوده عياشانه ۽ ظالمانه نظام جو خاتمو آڻڻ چاهي ٿو. هو ڦورو وڏيري کي ننڌي ٿو هو هميشه نئين نظام کي آڻڻ، ماڻهن ۾ ترقيءَ جو رجحان پيدا ڪرڻ، انهن کي پنهنجي ملڪ ۽ وطن، پنهنجي زمين، خاص طور تي سنڌ لاءِ قربانيءَ ۽ پيلائي جو پيغام پنهنجي ناولن ۾ اثرائتي نموني ڏنو آهي. سراج سنڌ جي انهيءَ ظالم ڪردارن کي به وائکو ڪري ٿو جيڪي پنهنجين هارين، نارين تي ڏاڍ، ڌهڪاءَ ۽ ڏمر ڪري، هاريءَ جو سڀ ڪجهه ڪٽي وڃن ٿا ۽ وڃي شهرن ۾ عياشي پويان سڀ ڪجهه

وڃائي خالي هٿ ڪري، وري اڇي هارين تي جبر روا رهن ٿا ۽ انهن جي ننگن ۾ نظرون کپائي ويهي رهن ٿا. سراج جي ناولن ۾ سنڌ جي تاريخ جو تناظر بيان ٿيل آهي. سراج سنڌ جي تاريخ جو اونهو اڀياس ڪري، اهي ناول لکيا آهن، جن ۾ سنڌ جي حقيقي تاريخ جا عڪس سمايل آهن. خاص ڪري ارغون ترخان دور جي ظلمن جا داستان رقم ٿيل آهن، جيڪي هنن سنڌي قوم ۽ سنڌي ماڻهن جي مٿان ڪيا. سراج جا ناول پڙهڻ کان پوءِ ان راءِ تي پهچجي ٿو تہ هو سنڌ جي تاريخ جو ڄاڻو ۽ پنهنجن ماڻهن جو طرفدار قلمڪار آهي، سراج ميمڻ پنهنجي ناولن ۾ سنڌ سان ٿيل ويساهہ گهاتين ۽ ظلمن جو داستان هوبهو ۽ چٽي انداز ۾ پيش ڪيو آهي. هن پنهنجي ناولن ۾ نہ رڳو سنڌ جي تاريخ جا لڪيل پاسا کولي نروار ڪيا آهن، پر سنڌ جي تاريخ کي درست رخ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سچ تہ سراج سنڌ جو سچوءِ کرو تاريخ نويس آهي.



## حوالا

آخوند، عبدالحميد. (جمال ابڙو: (1992) ڪهاڻيون، مضمون ۽ شخصيت)، ڪراچي، ثقافت ۽ سياحت کاتو.

اڄڻ، بدر، ڊاڪٽر. (1999) (سنڌي ادب ۾ تنقيد نگاري،ڇاپو۔1)، حيدرآباد، سنڌ ريڊرس فورم.

پناڻ، غلام حسين. . (1982) (سنڌي ناول جي ارتقائي تاريخ)، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

ملاح، مختيار احمد. (2012) (سنڌي ناول جي مختصر تاريخ)، حڪومت سنڌ: ثقافت کاتو.

ميمڻ، سراج الحق. (2012) (پياسي ڌرتي رمندا بادل"ٽي ناول شامل")، ڪراچي، سنڌ، باغي اڪيڊمي، ڇاپو.

ميمڻ، سراج الحق. (1990) (منهنجي دنيا مرگهہ ترشنا)،حيدرآباد،نيو فيلڊس.

نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر (2010) (ورهاڱي کانپوءِسنڌيناولجياوسر)،ڪراچي، شيخ شوڪت علي ۽ سنز.